# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXII مجريہ 2001
# SINDH ORDINANCE NO.XXXII OF 2001
## سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون (چوٿين ترميم) آرڊيننس، 2001
## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ELECTIONS (FOURTH AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 18_A جي تبديلي
Substitution of section 18_A of Sindh Ordinance No.X of 2000

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXII مجريہ 2001
# SINDH ORDINANCE NO.XXXII OF 2001
# سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون (چوٿين ترميم) آرڊيننس، 2001
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ELECTIONS (FOURTH AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[11 آڪٽوبر 2001]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون آرڊيننس، 2000 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون آرڊيننس، 2000 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ مڪاني حڪومت چونڊون آرڊر، 2000 (2000 جو نمبر 8) موجب چيف ايگزيڪيوٽو پاڪستان خوشيءَ سان چيف اليڪشن ڪمشنر کي صوبن ۾ مڪاني حڪومت جون چونڊون ڪرائڻ لاءِ بااختيار بڻايو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل

ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

**مختصر عنوان ۽ شروعات**
**Short title and commencement**

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون (چوٿين ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ 20 سيپٽمبر 2001کان لاڳو سمجهيو ويندو.

**2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعه 18_A جي تبديلي**
**Substitution of section 18_A of Sindh Ordinance No.X of 2000**

2. سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون آرڊيننس، 2000 ۾، دفعه 18_A لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"**18_A خالي سيٽن تي چونڊ:** (1) جيڪڏهن ڪنهن ميمبر جي سيٽ خالي رهجي وڃي ٿي يا ڪائونسل جي مدي دوران خالي ٿئي ٿي، نئون ميمبر ضمني چونڊن ذريعي چونڊيو ويندو ۽ ضمني چونڊن ذريعي چونڊيل ميمبر ڪائونسل جي رهيل مدي دوران عهدو رکي سگهندو.

(2) جيڪڏهن عورتن لاءِ مخصوص سيٽ خالي ٿئي ٿي، اها ساڳيءَ طرح ضمني چونڊن ذريعي ڀري ويندي ۽ چونڊيل عورت ميمبر ڪائونسل جي رهيل مدي تائين عهدو رکي سگهندي.

(3) سموريون ضمني چونڊون سال ۾ هڪ ڀيرو اهڙي تاريخ يا تاريخن تي ڪرايون وينديون جيئن چيف اليڪشن ڪمشنر مقرر ڪري.

(4) ناظم يا نائب يونين ناظم جي آسامي ضمني چونڊن ذريعي آسامي پيدا ٿيڻ جي سٺ ڏينهن اندر ڀري ويندي.

(5) ضلعي ناظم، نائب ضلعي ناظم، تعلقي ناظم يا ٽائون ناظم، تعلقي نائب ناظم يا ٽائون نائب ناظم جي آسامي ضمني چونڊن ذريعي اهڙي آسامي پيدا ٿيڻ جي ٽيهن ڏينهن دوران پري ويندي.

(6) جڏهن ضلعي ناظم يا نائب ضلعي ناظم، تعلقي ناظم، يا ٽائون ناظم، نائب تعلقي ناظم يا ٽائون ناظم، يونين ناظم يا نائب يونين ناظم جو عهدو پريو نٿو وڃي يا خالي رهي ٿو ته لاڳاپيل ڪائونسل جا ميمبر اڪثريتي ووٽ ذريعي وقتي ناظم يا نائب ناظم، جيئن معاملو هجي، انهن کي پنهنجي ميمبرن منجهان چونڊيندا ۽ اهڙيءَ ريت چونڊيل شخص ميمبر طور پنهنجو عهدو پڙ رکندو:

بشرطيڪ وقتي ناظم يا نائب ناظم ٿيندڙ ضمني چونڊن ۾ ناظم يا نائب ناظم طور ترتيبوار چونڊن ۾ حصو وٺي نه سگهندا.".

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**